www.drpathan.com Page # 166



٣٢٣ سال ١٩٢٤ جي ڪرمينل ٽرائيبس ائڪٽ (انڊيا) ۾ هيٺيون بندشون وجهڻ لاءِ ٻهراو ڪيل آهي يعني ته :-

(الف) پاڙيدار کي ڏوهه ڪندڙ قوم جو فرد ڪري ظاهر ڪرڻ.

(ب) هنکي حڪم ڪرڻ ته مقرر ڪيل وقتن تي ڪنهن پوليس عملدار يا ماجسٽريٽ اڳيان حاضري ڀرائي.

(ج) هن جي رهڻ جي جاءِ بدلائڻ، ۽ سندس رهڻ جي جاءِ کان غير حاضري يا غير حاضر رهڻ جي ارادي بابت پوليس کي اطلاع ڏيڻ.

(د) هن جي حرڪت ڪنهن خاص ايراضي يا رهڻ جي جاءِ تائين محدود ڪرڻ ۽

(هه) ڪيس ڪنهن سرڪاري لوڙهي ۾ رکڻ. مٿين هدايتن تي عمل نه ڪرڻ ڪري ڏوهي قيد جي سزا جو جوڳو ٿئي ٿو جنهنجي مدت ٦ مهنن کان وٺي ١٢ مهنن تائين ٿي سگهي ٿي.

٣٢٤ اسين ڪئٽل لفٽنگ ڪاميٽي (١٩٢٢) جي رپورٽ مان حوالو ڏيون ٿا :-

" پهرين ۽ ضروري ڳالهه هيءَ آهي ته پاڙيدار جي پاڙ پٽڻ گهرجي جاڪاڻ نه هوئي پهنجي سرپرستيءَ جي وسيلي چوپائي مالجي چوري جو وڏو سبب بڻجي ٿو. پاڙيدار چوپائي مال جي چوريءَ جو بنياد آهي جنهن ڪري سنڌ ۾ چوپائي مال جي چوري، ڏوهن جي منظم صورت اختيار ڪئي آهي ۽ جيڪڏهن چوري جي مال جي نيڪال ڪرڻ جي انهن اڏن کي ٽوڙيو ويو ۽

Gul Hayat Institute

موجود هيون تن ڪان ڪي سنڌ ۾ بهتر يا بدتر رسمون موجود آهن. ڪاميٽيءَ جن ضروري انتظامي ۽ جائز اُپاون وٺڻ جي ڪئي تن جي اسين تائيد ڪريون ٿا يعني ته:-

” فقره ٢٢٨، ( i ) ..........................

( ii ) جنهن عملي تي اهڙا ڪم ڪاريون رکيل هجن جن جي ڪري ان عملي جو لالچائجي وڃڻ ممڪن ٿئي ته ان حالت ۾ عملدارن کي کپي ته تنهن عملي تي سخت چوڪسي ۽ نظرداري رکن. اهڙين حالتن ۾ جيڪي آفيسر اُن عملي جي مٿان هجن تن کي کپي ته اُهي نه فقط وقت بوقت پنهنجون آفيسون تپاسين پر اهي پوري طرح باخوبيءَ تپاسين؛

( iii ) ڪنهن به حالت ۾ جتي شڪ پيدا ٿئي ته اُتي تمام اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن.

( iv ) سرڪاري نوڪرن ڏانهن حڪم ڪيا وڃن ۽ کين تاڪيد ڪرڻ گهرجي ته ڪنهن به حالت ۾ جڏهن کين رشوت آڇي وڃي ته انهي باهت يڪدم رپورٽ ڪن.

( v ) جڏهن ڪنهن سرڪاري ملازم تي رشوت وٺڻ جو بد اعماليءَ جو ڪو ڏوهه ثابت ٿئي ته انکي يڪدم نوڪريءَ مان برطرف ڪيو وڃي؛ ۽ ان تي يا سندس ڪٽنب تي رحم آڻڻ جي خيال سان هڪڙي ڪو الاؤنس يا ڪا بخشش ڏيڻ باهت سوال نه اٿارڻ گهرجي جيئن ڪ گهٽ ۾ گهٽ هڪ حالت ۾ ائين ٿيو آهي جا ڳالهه اسانجي ڌيان تي آندي ويئي آهي.

www.drpathan.com Page # 207



(ھ) ڪرائيدارن کي ٻيا ڪرائي جي چاري ۽ اناج جي نصلن ٻوڪڻ جون رعائتون ڏيڻ .

(و) زمين جي وڪري تي بندشون .

(ز) مشنري جي استعمال جو اختيار ڪيل نمونو .

(ح) ٻوڪ جي ڪم ڪار ۽ هنري ضابطي جو بلند معيار.

(ط) قبيلن جي جماعتن کي همٿائڻ ۽ ڪرائيدارن ۾ گڏيل ڪم ڪارين بابت چاهه پيدا ڪرڻ .

(ي) ڪيهر تاڙڻ ۽ وڪرو ڪرڻ تي ضابطو .

(ڪ) دلال جو صفا نہ هئڻ –

(ل) زالن جو درجو جيئن انهن جي ٻيوه ٿيڻ تي ڪين هارپ جا حق رهن ٿا .

(م) ڪرائيدارن جو گڏيل حساب ڪتاب.

(ن) ٽيننٽس رزرو ايڪوُ لائيز يشن فنڊ .

(ص) جيڪا زمين زرخيز نہ هجي تنهنکي ٻيار ڏيڻ ۽ ٻيهار پٽڻ تي ٿيل خرچ جي سيڙپي ڪرائيدارن تي ورڇ.

(ع) آلٽرنيٽو لائيو ليهڊ اسڪيم جا ڏسڻ ۾ ايندو تہ ٽرنيزرق ايراضي وارن انهن آبادگارن سان خاص طرح لاڳو ٿيندي جي پنهنجي لاءِ چاڙور پوکڻ ۽ ربيع وارين ايراضين ۾ پنهنجي مال جي چاري گڏ ڪرڻ لاءِ منتظر آهن .

(ف) گاشن ٻورڊ اسڪيم جا سرڪار هٿان مقرر ٿيل اعليٰ عملدارن جو هڪ ننڍو ٻورڊ هلائيندو .

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 212



# اختصار

## ڪاميٽيءَ جي سفارشن جو اختصار

## باب ١.

### پس منظر

صفحو | فقرو

الف - ڪي رواج ۽ دستور

ب - ڪي اقتصادي حالتون.

٢٧ مذهبي ميلن جي ٻدران يا انهن سان گڏ، ٥٦
هرڪنهن تعلقي ۾ آسانيءَ سان زرعي نماءُ ڪري
سگهجن ٿا. انهن ۾ ڳوٺاڻي ڀهبودي جي ڪم جي مشهوري
۽ ڳوٺاڻي راندين جي چٽا ڀيٽي شامل ڪرڻ گهرجي.

٣٣ اسين انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيون ٿا ته واهپي ٧٠
جون ضروري شيون جيئن مهيا ٿي سگهن تيئن انهنجي
ورچ تان جلد از جلد ڪنٽرول لاهڻ ضروري آهي.

ج - زمين جي قبضيداريءَ جي سرشتي
بابت ڪي ڳالهيون.

Gul Hayat Institute

د - ڳوٺاڻا سک سهنج

٤٥-٥١ اسين زميندارن کي صلاح ڏيون ٿا ته ڳوٺ ٩٦-١١٦
جي گڏيل ڪمن ڪارين کي منهن ڏيڻ لاءِ هاري
ڪاميٽيون ناهين.

٤٧ اسين سفارش ٿا ڪريون ته ڳوٺاڻن سکن سهنجن ١٠١
حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل فند گڏ ڪرڻ لاءِ بندشي

www.drpathan.com Page # 213



مد — فقرہ

ايراضين تي هڪ قسم جي جماعتي پوک ڪئي وڃي جنهن لاءِ خاص زمينون ڏنيون وڃن. هن پيدائش جي وڪري تيل آمدني گوناڻ مکن سهنجن جي فند ۾ ڏيڻ گهرجي.

٤٨ سرڪار کي گهرجي ته مستاحق هاري ڪاميٽين ١٠٢
کي امدادي گرانٽون ڏئي.

٤٩ ترقي پسند زميندار جيڪي سڪ سهنج گوٺن ١٠٤
۾ مهيا ڪري سگهن ٿا سي فقرائن ١٠٤ کان ١١٦
تائين بيان ڪيل آهن.

٥٢ ترقي پسند زميندار گوٺن ۾ سهنجن حاصل ڪرڻ ١١٧
واسطي جيڪو وڏيڪ پهرو وني سگهن ٿا سو ڄاڻايل آهي.

٥٣ گوٺن ۾ ريڊيو رستي ۽ اخبارن رستي ١١٨
مشهوري ڪرڻ جي تجويزن ۾ پنهنجي هارين جي خوشحالي ۽ پنهنجي زمينن کان پوري ريت ڪم وٺڻ بابت زميندارن جي ذميوارين کي خاص اهميت ڏيڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

---

## باب ٢.

### زميداري بٽئي سرشتي ۾ سڌارا

### الف – هاريءَ جا اهنج

٦١ اسين بٽئي سرشتي جي بدران نقد ڪراين ١٣٢
جي سرستي اختيار ڪرڻ لاءِ صلاح نٿا ڏيئي سگهون.

www.drpathan.com Page # 214



# ب - ٻنڌي دستورن جا قانون.

## ڀاڱو (الف)

## ٻنڌيءَ تي آبادي ۽ فصل جي ورهاڱي بابت قانون

صفحو | فقره

٦٣-٧٢ هارين ۽ زميندارن جي ڪن فرضن ۽ حقن بابت سمجهاڻي ڏنل آهي. ١٣٨-١٥٩

٦٤ الف ٧ - جو هاري پنهنجي سر پورهيو ڪري ٿو ۽ پنهنجي ڏاند ن جو پورهيو ۽ زراعت جا اوزار مهيا ڪري ٿو تنهنکي ڏيل پيدائش مان لاهاري جي خرچ ڪاٽڻ کان پوءِ هيٺ ڄاڻايل حصا ملڻ گهرجن:- ١٤٤

(الف) موڪي رستي رڃ ورتل زمينن (موڪي، بوسي، دوباري) ۽ سيلابي ۽ باراني زمينن تي سندس پوکيل پيدائش جو اڌ.

(ب) جن چرخي رستي رايج ورتل زمينن تي نار جو خرچ ۽ سنڀال هاري ڪري ٿو تن تي سندس پوکيل پيدائش جو $\frac{٢}{٣}$ حصو.

(ج) جن چرخي مدد موڪي زمينن تي نار جو خرچ ۽ سنڀال هو ڪري ٿو تن تي سندس پوکيل پيدائش جو $\frac{٣}{٥}$ حصو.

٦٦ الف ١٠ - هاريءَ جي پوکيل فصلن جي سندس حصي مان بستگين يا اوازمن جي صورت ١٤٧

Gul Hayat Institute

منهو — فقرو

۽ يا ٻئي ڪنهن سبب (جنس ۽ ڪاڻون) اهواهن
ڪاٽن تي بندش وجهڻ گهرجي.

٦٧ الف ١١- جڏهن هاريءَ جي پوکيل فصل ١٤٩
مان ڪڪا، ڪاڻو پيدا ٿئي ته هاريءَ کي ان
مان ٣/٤ حصو ملڻ گهرجي.

٦٧ الف ١٣- هاريءَ کي حق ڏيڻ گهرجي ١٥٠
ته پنهنجي مال جي چاري لاءِ خريف جي مرحلات ۾
اڌ ايڪڙ ۽ ان سان گڏ ربيع ۾ جتي ممکن
هجي وڌيڪ اڌ ايڪڙ پوکي. هن کان چاري واري
پوکيل ايراضيءَ تي نقد ڪرايو وٺڻ گهرجي. اهو
ڪرايو ڍل کان هيٺو هئڻ گهرجي.

٦٨ الف ١٤- هاريءَ کي حق ڏيڻ گهرجي ١٥١
ته هرڪنهن موسم ۾ ١/٢٠ ايڪڙ بنا ڪرائي جي
(مفت) ڀاڄين جي پوک ڪري.

٧٠ الف ١٩- زميندار جي پنهنجي شخصي ١٥٢
فائدي لاءِ هاريءَ کان بيگر (مفت ۾ پورهيو) وٺڻ
کي بيقاعدي ٺهرائڻ گهرجن. چيز جي مزوري
هاريءَ کي سڀاڳئي ڏينهن ڏيڻ گهرجي، جنهن
ڏيهن هو اهو ڪم ڪري.

٧١ الف ٢٠- هاريءَ تي لازمي هئڻ گهرجي ١٥٧
ته آبڪلاڻيءَ جي موسم ۾ واهر جي ماڻهو کان

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 216



صفحو | فقرو

پنهنجن ڏانهن ايندڙ واڻو ڪورس جي ڪپ ڪاٽيءَ
لاءِ جيڙو جو پورهيو ڏنئي . جڏهين هاري انهي ڪم
۾ لڳل هجي تڏهين زميندار کي گهرجي ته پنهنجي
خرچ تي هاريءَ کي کاڌو کارائي.

۷۲ الف –۲۲ فصل جي جماعتي پوک ( يعني ۱۵۹
سيري پوک ) جي اجازت ڏيڻ گهرجي بشرطيڪ
( الف ) هرهڪ هاري کي هڪ موسم ۾ ½ ايڪڙ
ڪان وڌيڪ حصو پوکڻ لاءِ ڏنو نه وڃي؛
( ب ) سرڪاري ڍل ڪاٽڻ بعد سڄي آمدني
ڳوٺ جي ترقي ۽ بهبودي لاءِ ڪم آڻجي ۽
( ج ) ڳوٺاڻي هاري ڪاميٽي مقرر ڪئي وڃي
جا اهي پيسا خرچ ڪرڻ لاءِ ذميوار ٿئي.

---

## پاڱو ( ب )

### هاريءَ جي قبوليتن بابت قانون

۷۲ ب –۱ هارين سان هاريءَ جي قبوليت ۱۶۰
ڪرڻ کي لازمي ٺهرائڻ گهرجي.

۷۳ ب –۴ جيڪڏهن زميندار هاريءَ کي ڪم ۱۶۳
تي رکڻ کان اڳ چڪاس نه ڪندو ته سندس
اڳوڻي زميندار جو مٿس ڪيترو قرض آهي ۽ هنن
قانونن موجب اهو قرض پوري نه ڏيندو ته اهو اُن
لاءِ زميندار کي سزا جوڳو ڏوهاري ٺهرائڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 217



صفحو — فقره

٧٤ ب ٧- هارپ جي قبوليت جو رٿيل نمونو ١٦٦
مقرر ڪيو ويو آهي.

---

## ڀاڱو (ج)

### هارين جي حساب ڪتاب بابت قانون

٧٨ ج ١- هارين جو حساب هڪ مقرر ٿيل نموني ۾ رکڻ لازمي ٺهرائڻ گهرجي. ١٧٣

٧٨ ج-٢؛ ج-٣؛ ج ٤- زميندار کي هرڪنهن هاريءَ جي اوڙر جو حساب اهڙي نموني ۾ رکڻ گهرجي جنهنکي سولائي سان سمجهي سگهجي. ١٧٤

٧٩ ج ٥- هرڪنهن هاريءَ جو پاس بوڪ رکڻ لازمي آهي. ١٧٧

٧٩ ج ٧- هارين کان قرض تي جيڪو وياج ورتو وڃي ٿو سو مني ليندڙس [illegible] مطابق هئڻ گهرجي. ١٧٩

٧٩ ج ٩- جنهن حالت ۾ هاريءَ جو قرض ١٠٠ رپين کان مٿي ٢٠٠ رپين کان گهٽ هجي ۽ ان تي وياج نه ورتو ويندو هجي تنهن حالت ۾ هاريءَ تي لازمي ٺهرائڻ گهرجي ته ڪو پنهنجو هر سر ضامن طور ڏئي يا ڏاند ن جي هڪ جوڙي کان سواءِ پنهنجو چوپايو مال گروي رکي. جڏهن قرض ٢٠٠ رپين ١٨١

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 218



صفحو — فقرو

ڪان وڌيڪ هجي ته پوءِ زميندار هاريءَ جي هر
سر جي ضمانت ۽ چوپائي مال جي گروي رکڻ
لاءِ گهر ڪري سگهندو.

٨١ ج ١١- جيڪو زميندار پنهنجي مختيار جي ١٨٣
هٿان هاريءَ کي قرض ڏياري ٿو سو هُن قانون جي
بجا آوريءَ لاءِ پاڻ جوابدار هئڻ گهرجي.

٨٢ ج ١٤- پيدائش جي ورهاڱي کان پوءِ زميندار ١٨٦
جي حصي جي باربرداريءَ جو سڄو خرچ زميندار
کي ئي ڀرڻ گهرجي.

٨٤ ج ١٥- ابوابن جي بند ٿيڻ سبب زميندار ١٨٧
جي آمدني گهٽجڻ ڪري ڪيس بچاءُ ڏيڻ خاطر،
چالو لئنڊ رونيو سيٽلمينٽ جي اگهن کي اوتري
قدر گهٽايو وڃي، يا ٻيءَ صورت ۾ هنکي اجازت
ڏيڻ گهرجي ته هاريءَ کان ايڪڙ پنيان نقد ڪرايو
وٺي يعني ته چانورن ۽ ڦٽين لاءِ ٢ رپيا في ايڪڙ
۽ ٻين فصلن لاءِ ١ رپيو في ايڪڙ.

٨٥ ج ١٦- هاريءَ جي هارپ ختم ٿيڻ تي ١٨٨
سندس پاس ٻوڪ ۾ اڏڙي داخلا ڪرڻ گهرجي.

٨٦ ج ١٨- هارين طرفان ڳوٺ جي ڪاريگرن ١٩٠
کي جيڪو عيوض ڏنو وڃي سو پنهي ڌرين جي
جي گڏيل قبوليت موجب هئڻ گهرجي.

www.drpathan.com Page # 219

صفحو فقرو

## پاڱو (د)

## قتين جي فصل مان هاريءَ جي قرض جي وصولي بابت قانون

٨٧ د ١ـ جيڪڏهن هاري زميندار جو قرضدار ١٩٢
هجي ته پوءِ هن لاءِ لازمي ٺهرائڻ گهرجي ته پنهنجي
قتين جو حصو زميندار جي ڪري ۾ رکي.

٨٧ د ٢ـ زميندار کي قتين جي اهڙي پهچ ١٩٣
جو حساب رکڻ گهرجي. گڏيل حصي مان چونڊي
تي ٿيل خرچ جي ڪاٽ چونڊيل قتين جي ١/١٢
پتي ڪان وڌيڪ نه هئڻ گهرجي.

٨٨ د ٣ـ جيڪڏهن هاري پنهنجي قتين جو ١٩٤
حصو پنهنجي زميندار کي وڪڻي ته پوءِ حساب
جي صفائي ماهوار ٿيڻ گهرجي.

٨٨ د ٤ ۽ د ٥ـ ڪنهن به مهيني ۾ چونڊيل ١٩٥
قتين جي قيمت انهيءَ مهيني جي آخري ڏينهن
واري مڪاني بازاري اگهن موجب مقرر ڪرڻ
گهرجي ۽ ان موجب ئي هاريءَ کي مجرا ڏيڻ
گهرجي. (ڏسو سمجهاڻي: اسان مان ڪي موجوده
دستور کي ترجيح ڏين ٿا جنهن موجب هاريءَ
کي اختيار آهي ته پنهنجي مرضيءَ موجب هلندڙ موسم
۾ ڪنهن به وقت واري بازاري اگهه جي ٻول ڪري.)

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 220



| فقرو | | صفحو |
|---|---|---|
| ١٩٧ | د ٦ـ جيڪڏهن هاري پنهنجون قتيون پنهنجي زميندار کي وڪڻڻ نه چاهي ته پوءِ هن تي لازمي هئڻ گهرجي ته سندس ڪپهه خريدار کڻي وڃي تنهن کان اڳ پنهنجا قرض پري ڏئي. | ٨٩ |
| ١٩٨ | د ٧ـ جيڪڏهين هرسال ١٥ جنوري تائين هاري قتين جي فصل جي بابت (وڙاڻيون) نه وڃي ته انکي هاريءَ جي خرچ تي وڌائي سگهجي ٿو. | ٩٠ |

---

## ڀاڱو (هه)

### قتين کانسواءِ پين فصلن مان هاريءَ جي قرض جي وصولي بابت قانون

| | | |
|---|---|---|
| ٢٠٠ | هه ١ـ زميندار کي هاريءَ جي قرض جي وصوليءَ خاطر (الف) چانورن، ڪڻڪ، جوئر ۽ باجهر مان هاريءَ جي حصي جي ٥٠ سيڪڙي، (ب) پين اناجن ۽ دالين مان سندس حصي جي ٢٥ سيڪڙي ۽ (ج) ڪپهه ۽ پين تيلي ٻجن مان سندس حصي مان ٧٥ سيڪڙي کان وڌيڪ وٺڻ نه گهرجي. هن موجب جڏهين زميندار مقرر ٿيل وڌ ۾ وڌ حصو هاري جي حصي مان کڻي تنهنکانپوءِ هاريءَ وٽ جيڪو باقي حصو بچي، تنهنکي ضبطيءَ يا ڊگريءَ جي تعميل ۾ وڪري ٿيڻ کان آجو رکڻ گهرجي. | ٩٢ |

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 221

فقرو

ه ۲- هارين کي پنهنجي ڏنل قرض جدس ۾ ۲۰۱
بنا وياج جي وصول ڪرڻ گهرجن.

ه ۴- هاريءَ جو جيڪو حصو قرض چڪائڻ ۲۰۳
لاءِ پيدائش مان ورتو وڃي تنهنجي قيمت سرڪار
جي مڪاني ڪنٽرول جي پڌن اگهن مطابق مقرر
ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن اگهن تي سرڪاري
ڪنٽرول نه هجي ته پوءِ پيدائش جي ورهاڱي وقت
بازاري پڌن اگهن مطابق انجي قيمت مقرر
ڪرڻ گهرجي.

ه ۵- پيدائش جڏهن وڪري لائق ٿئي ۲۰۴
تنهن کان ترت پوءِ ۱۴ (چوڏهن) ڏينهن اندر ئي
ان جي ورهاڱي جي تڪميل ڪرڻ گهرجي.

---

پاڱو (و)

Gul Hayat Institute

هارپ جي ختم ٿيڻ بابت قانون

و ۱- ڪاٻر ڏرتن مهنن جو نوٽيس ڏيڻ سان ۲۰۶
هارپ جي قبوليت کي ختم ڪري سگهجي ٿي. هاريءَ
جي پاس پوڪ تي انهيءَ موجب داخلا ڪرڻ گهرجي
نوٽيس جو رٿيل نمونو مقرر ڪيل آهي.

و ۲- جيڪو هاري پنهنجي هارپ ختم ۲۰۷
ڪرڻ وقت پنهنجي زميندار جو قرضدار هجي تنهن

www.drpathan.com Page # 222



صفحو | فقرو

تي لازمي هئڻ گهرجي ته پنهنجي چوپائي مال ڪاهي
وڃڻ کان اڳ، پنهنجو قرض ادا ڪري.

٩٥ و ٣- جيڪڏهن هارپ ختم ٿيڻ وقت پيدائش ٢٠٨
مان هاريءَ جي حصي مان مقرر ٿيل وڌ ۾ وڌ رقم
وصول ڪرڻ کان پوءِ به اجان هاريءَ تي زميندار
جا قرض اهڙي رقم کان وڌي وڃن جو سرڪار وقت
بوقت پڌري ڪري، ته پوءِ اهڙي فاضلي قرض
کي خارج سمجهي حساب مان ڪڍي ڇڏجي.

٩٦ و ٤- هاريءَ کي ڪم تي رکندڙ زميندار ٢٠٩
لاءِ اهو لازمي هئڻ گهرجي ته هارپ جي قبوليت
ڪرڻ کان اڳ هاريءَ جي اڳئين زميندار کي
سندس رهيل قرض پوري ڏئي يا خاطري ڪري ته
اهي قرض قانون ه- ٣ جي لهرائن جي پابندي سان
چڪايا ويا آهن.

٩٦ و ٥- جڏهن ڪو هاري پنهنجي هارپ ختم ٢١٠
ڪري تو تڏهن مٿين قانون موجب پنهنجن قرضن
چڪائڻ کان پوءِ، جيڪڏهن سندس چوپايو مال
گروي هجي ته اهو گروي نامو منسوخ ڪرڻ گهرجي
۽ جيڪڏهن سندس قرض عيوض سندس ڪي مائٽ
ضامن هجن ته انهن کي ضمانت کان آجو ڪرڻ گهرجي.

٩٦ و ٦- پائمراد و ڇڏڻ يا بي دخل ٿيڻ سبب ٢١١
هارپ جي ختم ٿيڻ تي هاريءَ کي ميڏين سببن
ڪري معاوضو ڏيڻ گهرجي، يعني ته:-

Gul Hayat Institute

فقرو

(١) هاريءَ جي ڪيل پورهئي يا هئي ڪيل ڪم سبب زمين ۾ ٿيل دائمي سڌارن لاءِ؛

(٢) ٻارڻ جي ديرائتي اثر جي اندازلاءِ جنهنجو خرچ سمورو يا ڪجهه هاريءَ ڀريو هجي؛

(٣) ان لٽيل فصلن ۾ هنجو حصو؛ ۽

(٤) ايندڙ موسم جي فصلن لاءِ زمين جي تياري.

٢١٢ و ٧ - بي دخل ٿيڻ تي ڪيس خلاف ٿيڻ سبب هاريءَ کي زميندار کان خاص معاوضو ملڻ گهرجي. خاص معاوضي جي رقم انهي ڏل جيتري هئڻ گهرجي جا بي دخليءَ جي تاريخ کان ترت اڳين ٻارهن مهنن ۾ ڀري ويئي هوندي. خلاف سبب خاص معاوضي ڏيڻ کان معافيون جاڳايون ويون آهن.

---

ڀاڱو (ز)

زمين جي قبضيدار بدلجڻ ڪري هارپ جي حقن بابت قانون

٢١٤ ز - ١ جڏهن هاريءَ جي آباد ڪيل زمين جو مالڪ يا انجو مقاطعدار بدلجي ته پوءِ،

Gul Hayat Institute

فقرو صفحو

(الف) اُهو هاري جيڪو ٻيلل ڪرائيدار هجي تنهنکي ٻين هارين کان اڳي آباد ٿيڻ جو اوليں حق ڏيڻ گهرجي؛

(ب) ايندڙ نئين زميندار کي گهرجي ته ٻيلل هارين جا رهيل قرض پاڻ ڏانهن منتقل ڪري بشرطيڪ انهن هر هاري جي قرض جي رقم وڌ ۾ وڌ ايتري هوندي جا سرڪار وقت بوقت قانون وسيلي ٣ موجب پڌري ڪندي؛

(ج) هاريءَ جي رهيل قرض مان (اهڙي وڌ ۾ وڌ رقم ڪاٽڻ کان پوءِ) جيڪا فاصلي بقايا ٿئي سا خارج ڪري حساب مان ڪيڏي ڇڏجي؛

(د) نئين زميندار وٽ هاريءَ جي جوپائي مال جو گروي رکڻ ۽ هاريءَ جي قرض عيوض سنڌ ۾ مالڪن جي ضمانت ڏيڻ جون ڳالهيون پنهي ڌرين جي گڏيل قبوليت موجب ڪرڻ گهرجن.

---

## ڀاڱو (ح)

## هارين جي قرض چڪائڻ کان سواءِ ٻڃي وڃڻ بابت قانون.

١٠١ ح ١- جيڪڏهن هاري هنن قانونن موجب ٢١٦

پنهنجا قرض چڪائڻ کان سواءِ ڀڄي وڃي ته انکي

منعه سزا جوڳو ڏوهه ٺهرائڻ گهرجي، هن لاءِ سزا ڏاڍن جي
هڪ جوڙي کان سواءِ هاريءَ جي چوپائي مال جي
ضبطي ۽ ان سان گڏ ڪنهن ماجسٽريٽ اڳيان ڏوهي
ثابت ٿيڻ تي هڪ مهني ٽائيڻ بنا پورهئي قيد جي
سزا ڏيڻ گهرجي.

ح ٢ـ جيڪو هاري پنهنجي هارپ ختم ٿيڻ ٢١٧
١٠١ واري تاريخ کان اڳـ پنهنجي آباديءَ تان پٽجي
وڃي تنهنڪري هتن قانونن ۾ ٺهرايل معاوضي جو ڪو به
حق ڏيڻ نه گهرجي.

## پاڱو (ط)

## سزائون

١٠٢ ط ١ـ هنن قانونن جي پڃڪڙي ڪندڙ ٢١٨
شخص ماجسٽريٽ اڳيان ڏوهي ثابت ٿيڻ جوڳو ليندو.

## پاڱو (ي)

## تڪرارن جو نبيرو- هاري ٽربيونل.

١٠٢ هاري ٽربيونل جي رٿيل جوڙجڪ، اختيار ۽ ٢٢٠
فرض ڄاڻايا ويا آهن. مختيارڪار چيئرمن ٿيندو
جنهنکي هڪ صلاحڪارن جي جماعت ڪم ۾ مدد
ڏيندي جنهن ۾ زميندار ۽ هاري هڪجيترا هوندا

www.drpathan.com Page # 226



صفحو

جي هر ڪنهن تپي مان ٻه ٻه ڪميا ويندا . ٽربيونل فقرو
جي هر ڪنهن ميٽنگ لاءِ چيئرمن صلاحڪارن جي
جماعت مان هڪ زميندار ۽ هڪ هاري ڪوٺيندو . ڪورم
لاءِ ٻهراڙ ٽيل ڪوٺي - وڪيلن کي اچڻ جي اجازت
نه آهي ۽ درخواستن تي ڪنهن به ٽڪلي (اسٽامپ)
لڳائڻ جي ضرورت ڪانه آهي . ٽربيونل جي فيصلي
تي اسسٽنٽ ڪليڪٽر يا ڊپٽي ڪليڪٽر اپيل ٻڌي
سگهي ٿو ۽ اُن تي ڪليڪٽر نظر ثاني ڪري سگهي ٿو .
سول ڪورٽ ٽربيونل جي فيصلي جي اهڙي ريت
تعميل ڪندي جيئن اها سندس ئي ڏڪري آهي .

---

## ڀاڱو (ڪ)

رٿيل قانون بابت عام سفارشون .

۲۰۶ ڪ ۱- هي قانون سڄي صوبي سان لاڳو ۲۲۴
ٿيندا بشرطيڪ :-

Gul Hayat Institute

(الف) جن سروي ٽيل توڙي غير
سروي ٽيل جاگيرن ۾ مخادمي حق نه آهن ،
تن سان زميندار (رعيتي) زمين وارا ساڳيا
بٽئي قانون لاڳو ٿيندا .

(ب) جن سروي ٽيل جاگيري زمين
تي مخادمي حق آهن ، تن تي هن قانون
موجب مخادم ۽ هاري فصلن جو ورهاڱو ڪندا .

www.drpathan.com Page # 227



فقرة

ڊ جاگيردار کي فقط زمين جي ڍل ملندي رهندي. جاگيردار جي هارن سرڪار ڍل وصول ڪندي جيئن سنه ١٩٤٧ جي لئنڊ روينيو ڪوڊ کي سڌاريندڙ ائڪٽ ۾ ٺهرايو ويو آهي.

(ج) جن اڻ سروي ٿيل جاگيري زمينن تي مخادمي حق آهن تن سان هي قانون لڳائڻ نه گهرجن جيستائين ڪ انهن سان سروي سيٽلمينٽ لاڳو ڪئي وڃي يا جيستائين هنن زمينن جي پيدائش ۾ جاگيردار ۽ مخادمن جي جدا جدا حصن تي ضابطو رکيو وڃي.

٢٢٥ ڪ ٢- رٿيل قانون پهرينائين شيڊيواڊ فصلن سان لاڳو ٿيڻ گهرجن يعني ته: سڀ اناج، ڪپهه سميت سڀ تيلي ٻج ۽ سڀ داليون. جيڪي فصل هتي ڄاڻايا نه ويا آهن تن سان هنن قانونن جي لاڳو ڪرڻ بابت پوءِ فيصلو ڪيو ويندو. ١٠٦

٢٢٦ ڪ ٣- جن فصلن سان هي قانون لاڳو نه آهن تن سان هلندڙ بٽئي جو رواج (هلي چلي) لاڳو ٿيڻ گهرجي. ١٠٧

٢٢٧ ڪ ٤- اهڙا قانون جي سرڪار اختيار ڪري سي انهيءَ پڌري ٿيڻ کان پوءِ پهرين پوکيل فصلن ۽ انهن کانپوءِ پڻ جيڪي فصل ٿيندا تن سان لاڳو ٿيندا. ١٠٨

www.drpathan.com Page # 228



صفحو فقرو

۱۰۸ ڪ ۵- سرڪار کي حق رهندو ته هن ۲۲۸
قانون يا انهن مان ڪن قانونن جي اثر کان اهڙن فصلن يا فصل جي قسمن يا قبضيداريءَ جي سرشتي يا کيتيءَ جي سرشتي يا علائقي يا ڪنهن شخص يا ماڻهن جي طبقي کي آجو رکي جي اها وقت بوقت پڌرو ڪندي.

## ج - هارپ بابت قانون سازي.

۱۱۷ زمين جي مقرر ايراضين تي هارين کي دائمي ۲۴۱
قبضيداري جي حقن ڏيڻ لاءِ جيڪا به اسڪيم ناهي وڃي تنهن ۾ اهڙو نهراءُ وجهڻ گهرجي جنهن موجب سرڪار ٻچاءُ مليل هاريءَ جي زمين جي ايراضيءَ ۾ ڦير ڦار ڪرڻ لاءِ اختيارين هلائي سگهي.

۱۱۸ لئنڊ ٽينيوئر سسٽم ( زمين جي قبضيداري ۲۴۲
جي سرشتي ) ۾ بنيادي تبديليون آڻڻ کان اڳ سرڪار کي گهرجي ته اقتصادي انگ اکر ۽ خبر چار هٿ ڪري.

۱۸۸ سرڪار کي هيٺين ڳالهين جي دريافت ڪرڻ ۲۴۴
لاءِ پيمائشون وٺڻ گهرجن ته :-

( ا ) زمين جي ٽن قسمن يعني
(الف) رونيو معاف ٿيل ڪٽڊبي قبضيداري
( ب ) هارپ جون ڪٽتون ۽ ( ج ) هارين

www.drpathan.com Page # 229



صفحو — فقرو

جي هٿان آباد ٿيندڙ زمين جي پيداوار ڪهڙي آهي ؛

۽ (٢) زمين جي قبضيداري جي پڻ سرشتن يعني (الف) جن واٽر ڪورسن تي سموري زمين ڪڙمي مالڪن جي آهي ۽ (ب) ساڳئي واهه جي واٽر ڪورسن تي جتي بٽئي تي آباديءَ جو دستور آهي ؛

تن تي پاڻيءَ جي رسد جي هڪ ڪيوسڪ پنيان سرڪار کي ملڻ جوڳي ڍل ڪيتري آهي.

١٢٠ اسانجي ڪاميٽيءَ مان گهٽ جي راءِ آهي ته ٢٤٧
هارين کي قبضيداريءَ جي دائمي حق ڏيڻ کي غير محدود عرصي تائين ملتوي ڪرڻ گهرجي.

١٢٠ چيئرمين صاحب سفارش ٿو ڪري ته (ا) ٢٤٨
زمين تي مهاجرن کي آباد ڪرڻ کان پوءِ جڏهن مناسب ۽ آسان ٿئي تڏهن هارين کي زمين ۾ دائمي حق ڏيڻ لاءِ نان ٻراج (رائيس) واهه تي هڪ تعلقو چونڊڻ گهرجي جتي ٽينئسي ليجسليشن ڪاميٽيءَ جي رٿ وڏي پيماني تي عمل ۾ آڻجي.
(٢) ته اهي چونڊيل تعلقي مان حاصل ڪيل آزمودي جي مد نظر پڻ ايراضين ۾ اهڙن حقن ڏيڻ تي وڌيڪ غور ڪرڻ گهرجي.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 230



صفحو — فقرو

١٢٠ د - هارين جي رٿيل حقن جو ائڪٽ.

اسانجي ڪاميٽي مان گهڻا انهي ڳالهه تي ٢٤٩
متفق آهن ته سرڪار کي گهرجي ته قبضيداري جي
حقن جو ائڪٽ اهڙي طرح بحال ڪري جو آبادي
جي بٽئي دستور تي ضابطي رکڻ ۽ هارين کي حقن
ڏيڻ لاءِ اختيار حاصل ڪري. در اصل اهو اختيار
ڏيندڙ ائڪٽ ٿيندو. بٽئي جا قانون انهيءَ ائڪٽ
هيٺ جوڙيل قاعدن جي صورت وٺندا. هنڌڪي
قانون بحال ڪرڻ کان سواءِ، بدليل حالتن موافق وقت
بوقت ڦاهي، وڌائي ۽ سڌاري سگهبو.

---

## باب ڏهون

### سرڪاري ڪاڻن جون مشغوليون

#### الف - زرعي ڪاڙو

١٢٤ زرعي ڪاڙي جي تجويزن ۾ تعلقي ۽ ريجنل ٢٥٥
فارمن جي ڪافي انداز ۾ قائم ڪرڻ واريءَ رٿ کي
اوّليت ملڻ گهرجي.

چوپائي مال جو نسل پيدا ڪرڻ:- ٢٥٨

١٢٥ چوپائي مال جي نسل پيدا ڪرڻ جا فارم، ڏري
ولر لاءِ رٿيل حيدرآباد ريجنل فارم تي، پاڳهاڙي
ولر لاءِ وائيٽ پڊڪ ريجنل فارم تي ۽

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 231



فقرو | | منهو
---|---|---
| | ميٺن جي ڏڻ لاءِ ڏوڪريءَ ۾، ڪاڌڻ گهرجن، جيستائين ڪ لوور سنڌ ۾ راڄ لاءِ رٿيل ريجنل فارم قائم ٿئي. |
٢٥٩ | ڍڳين تي سان ڍڳا چاڙهڻ کان سواءِ ڍڪي ٽيڻ جي هڪڙاڏي طريقي مان، ماهرن جي رهبريءَ هيٺ، چڱي قدر فائدو وٺڻ گهرجي. سان ڍڳين جي ورهاست هن ريت ڪرڻ گهرجي. هر هڪ ڳوٺ جنهنجي آدمشماري هڪ سو کان وڌيڪ هجي تنهنجي سموري چوپائي مال جي ڏڻ سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ سان ڍڳو رهڻ گهرجي، ۽ هر هڪ سرڪاري فارم ۾ ۽ هر هڪ جانورن جي ننڍي توڙي وڏي اسپتال ۾، ڍڳين کي مصنوعي طريقي سان ڍڪي ڪرڻ لاءِ، سنڌي ۽ شاندار نسل وارو هڪ يا وڌيڪ ڍڳا رهڻ گهرجن. | ١٢٦
٢٦٤ | زرعي انجنيري - زرعي کاتي جي انجنيري طبقي جو اهو اصل ڪم نه آهي ته ٽريڪٽر رستي کيڙڻ جو ڪم ٺيڪي تي ياڻ ڪٽڻ پر انهن جو فقط اهو فرض آهي ته جي زميندار اهڙا ٽريڪٽر ۽ انهن جا اوزار خريد ڪن تنکي تجربن رستي سيکارين ته انهن ٽريڪٽرن ۽ اوزارن سان ڪم ڪيئن ورتو وڃي. اسين سفارش ڪريون ٿا ته:- | ١٢٨
| | (ا) زرعي کاتي جي انجنيري طبقي جون ڪم ڪاريون اهڙي دستور هلائجن جو |

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 232



فقرو — صفحو

مشينن ذريعي پوک ڪرڻ جي ڪم کي
انهن ڪم ڪارين ۾ اوّليت ملي .

(۲) ٽرئڪٽرن جي ڪم جي ٻاري
۾ انجنيري طبقہ وارن کي گهرجي تہ زميداري
زمينن تي فقط تجربا ڪري ڏيکارين تہ ٽرئڪٽر
۽ انهن جي اوزارن مان ڪهڙي طرح سان
ڪم ڪيئن ولاجي ۽ انهي ٻاري ۾ فقط
سر زمين تي فقط تجربن تي تيل خرچ زميندارن
کان وٺن ۽ تہ اهو خرچ جو ٽرئڪٽرن تي
اهڙن تجربن کان اڳ ڪيو ويو هجي .

(۳) زميندارن جي خريد ڪيل
ٽرئڪٽرن جي مرمت ۽ انهن کي ليڪ ناڪ
بنائڻ کي سهڻي ڪمن تي ترجيح ڏيڻ
گهرجي .

(۴) ڪوآپريٽو ( ڪريڊٽ
انڪريڪول ) ڊيپن جي جاري ٿيڻ کان
پوءِ انهن ۾ ٽرئڪٽرن واسطي جلاؤ ڪاٺيون ۽
مٽيا تيل ، مڪاني گهرجن جي پوري ڪرڻ
لاءِ موجود رکجن .

(۵) ٽرئڪٽرن ۽ مشينن لاءِ ڪم
ايندڙ تيل ۽ سٽيپ جي ٻاهران گهرائڻ ۾ اچن
ٿا تن جي ڊيوٽي ۾ پنجن سالن جي عرصي
تائين ڪجهہ ڇڏرائي ڏيڻ گهرجي .

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 233

منصوبو | فقرو

## ب - جانورن جي اسپتالن جو ڪاڏو

١٣١ هرهڪ تعلقي لاءِ هڪ مڪاني ۽ هڪ گشتي جانورن جي اسپتال قائم ڪرڻ لاءِ، ويٽريٽري ڊپارٽمينٽ جي ترقيءَ وارين رٿن کي سڀ کان پهرين ترجيح ڏيڻ گهرجي. ٢٦٧

١٣٢ جانورن جي اسپتالن ۾ ڪم ڪندڙ ٢٦٨

عملي جي تربيت :- جيڪڏهن سنڌ ۽ ان جي لڳ اولهه پاڪستان جي ملڪن جون گهرجون مڪمل طور سان پوريون ڪرڻ لاءِ پنجاب ويٽريٽري ڪاليج کي وڌائڻ مناسب نہ سمجهڻ ۾ اچي تہ پوءِ سنڌ ۽ بلوچستان ۽ خيرپور جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ سنڌ ۾ نئون ويٽريٽري ڪاليج کولڻ ضروري ٿيندو. اميد ٿي ڪجي تہ چوپائي مال جي مرضن جي جاچ ڪرڻ ۽ جانورن جي بيمارين جي بيمارين بنسبت وڌيڪ کوجنائون ڪرڻ لاءِ جيسين پاڪستان ۾ هڪ جدا ويٽريٽري ريسرچ انسٽيٽيوٽ قائم ڪجي تيسين سنڌ، امپيريل ويٽريٽري ريسرچ انسٽيٽيوٽ سان پنهنجا تعلقات قائم رکندي ايندي.

سڀ جانورن جون وڏيون توڙي ننڍيون اسپتالون ائيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ جي سڌي ضابطي هيٺ هئڻ گهرجن. ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊن کي گهرجي تہ پنهنجي اسپتالن هلائڻ ۽ قائم رکڻ لاءِ مددي گرانٽون ڏين.

www.drpathan.com Page # 234



فقرو — صفحو

## ج - ڳوٺاڻي مالي وصيت

١٣٣ ڪوآپريٽو ڪاتي کي کپي تہ جڏهن پهراڙيءَ ۾ ڊيپو جاري ٿي وڃن ۽ انهن تي ڳهرئل عملو مقرر ٿي وڃي تہ ٻوءِ زرعي ڪاتي جون ٻج پاڻ ۽ اوزارن ۾ واپار ڪرڻ واريون هاڻوڪيون ڪارگذاريون پنهنجي حوالي ڪري. ڳوٺن مان دڪاندارن جي لڏي وڃڻ ڪري جي تڪليفون درپيش آيون آهن، جهڙوڪ ڳوٺن ۾ گهرو واپرائڻ واسطي ضروري شين جو نہ ملڻ، ۽ زرعي ڪم ڪارين لاءِ قرض نہ ملڻ، انهن ۾ نسبت بندوبست ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ حالتن جو چڱيءَ طرح مطالعو ڪيو وڃي ۽ هارين جي گهرجن کي منهن ڏيڻ لاءِ پيو ڪو رستو رٿجي ۽ خاص ڪري جتي ضرور هوي اتي ڪوآپريٽو ڪاتي مٿان خريد و فروخت سوسائٽيون (پرچيز اينڊ سيل سوسائٽيز) جاري ڪجن. ٢٧٢

١٣٥ زميندارن کي همٿائجي ۽ مدد ڪجي تہ هو گهرو گهرجن جو ذخيرو، خاص ڪري ڪپڙو، گاسليٽ، داليون، کنڊ ۽ لوڻ ايترو موجود رکن جو هو پنهنجي هارين ۾ وراهين ۽ وڪڻن. ٢٧٥

## د - ڳوٺاڻي تعليم

١٣٧ ضروري آهي تہ ڳوٺاڻي تعليم اهڙي طرح رٿجي جيئن ڳوٺاڻين گهرجن اجان وڏيڪ پوريون ٿين. ٢٧٨

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 235



فقرو | | صفحو

٢٨٠ **ٻارن جي تعليم:-** ڳوٺن اندر ابتدائي تعليم جي ٻاري ۾ هنن ڳالهين تي گهٽ ۾ گهٽ خيال ڏيڻ گهرجي، ته ڇوڪريون لکڻ پڙهڻ ۽ حساب ۾، ٻيو پنهنجن هٿن کان ڪم وٺڻ ۾ ۽ ٽيون پنهنجي ويچار ۽ خيال جي طاقت کي ڪم آڻڻ ۾ ٻار ڪيتري قدر واهليت ڏيکاري ٿو. ١٣

٢٨١ **پڙهڻ جي قابليت:-** پڙهڻ جي قابليت تي زور ڏنو ويو آهي. هر ڪنهن ڳوٺ ۾ جتي اسڪول نه آهي، پر ملان رهندڙ آهي اتي سرڪار کي کپي ته انهن ملن کي مددي گرانٽون ڏئي. ١٣

٢٨٢ **تعليم:-** تعليم کاتي جي ترقيءَ وارين رٿن ۾، ڳوٺن ۾ گشتي لائبريرين قائم ڪرڻ جي رٿ به شامل ڪرڻ گهرجي. ١٤

٢٨٣ **دستڪاريون:-** ڳوٺن ۾ جيڪي موڙائي سان اوزار ملي سگهن ٿا جي ڪم آڻڻ جي اوائلي طرز ٻارن کي سيکارڻ گهرجي. ١٤

٢٨٤ **قدرت جو مطالعو:-** ٻارن کي سندن آس پاس وارين ڳوٺاڻين قدرتي شين ۽ ڳالهين بنسبت اوائلي تعليم ڏيڻ گهرجي. ١٤

٢٨٥ **ماستر:-** ڳوٺاڻي اسڪول جي ابتدائي تعليم ڏيندڙ ماسترن کي جيڪا ديهاتي تربيت ڏيڻ ١٤

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 236

صفحو — فقرو

۽ اچي تنهن ۾ هٿڪي ساڌن هنرن بابت شروعاتي
خبرچار ضرور ڏيڻ گهرجي ته ڳوٺن اندر رواجي
طرح ملندڙ اوزار ۽ ٻيو اسباب ڪيئن ڪم ۾ آڻجي.
ماسترن کي ٻهراڙيءَ جي خاص قدرتي ڳالهين ۽
نظارن بابت تعليم ڏجي. ماسترن جي ڪم ۽ رهبري
لاءِ، قدرت جي مطالعي بنسبت جدا جدا قسمن جا
ڪتاب، شڪلين سان، ڪافي تعداد ۾ شايع ڪرڻ
گهرجن. اسڪولن ۾ باغ هئڻ گهرجن ۽ گلن
ڪٽڙين، ماکيءَ جي مکين جي مانارن ۽ گهرو
جانورن جي پالڻ ۽ سنڀالڻ کي همٿائڻ گهرجي.
سڀني ماسترن کي سکيا ڏيڻ وقت اسڪائوٽ
ڪري ڀرتي ڪرڻ کپي. انهن کي علم صحت جا
بنيادي اصول فرسٽ ايڊ (ترت علاج) ۽ موسمي تپ
تي ضابطو رکڻ سيکارجي. هنن سڀني ڪارگذارين
جي مطالعي کي وري وري تازي ڪرڻ لاءِ وڪيشن
۾ ماسترن کي سکيا ڏيڻ لاءِ ڪئمپون کوليون وڃن

١٤٢ **اڳواڻ ٿيڻ لاءِ تربيت:-** ڳوٺاڻي ڀهبوديءَ ٢٨٦
جي ڪم سان واسطو رکندڙ سڀني سرڪاري کاتن
جي ترقيءَ وارين رٿن جو هيءُ مقصد هئڻ گهرجي ته
ڳڏجي ڪم ڪرڻ جي ڪارگذارين کي زور وٺائين
اهيءَ لاءِ ته ڳوٺاڻن جي تهذيبي زندگيءَ ۾ ترقي
ٿئي ۽ اڳواڻ ٿيڻ لاءِ قابل ماڻهو هٿ اچي سگهن.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 237



صفحو — فقرو

رڳي سڌاري جي فقط تڏهن اميد رکي سگهجي ٿي
جڏهن اهي ڪاتا گڏجي ڪم ڪندا.

١٤٣ هارين جي ٻارن کي مٿين ۽ اعليٰ درجي جي ٢٨٨
تعليم ڏيڻ لاءِ خاص سهوليتون ڏجن ۽ ان مقصد لاءِ
سرڪار کي کپي ته هر هڪ تعلقي ۾ هارين جي ٻارن
جي مقرر ڪيل عدد کي اسڪالرشپون ڏئي. اهي
اسڪالرشپون اهڙيون هئڻ گهرجن جن مان اسڪول
جي فين (جيڪڏهن ڪي ڀرڻيون هجن ته)، ڪائڻ، رهڻ
۽ ڪپڙن جي خرچ جي پورائي ڪري سگهبي.

١٤٥ بالغن جي تعليم:- جيستائين ابتدائي اسڪولن ٢٩١
لاءِ گهربل ماسترن جي ڪمي آهي، تيستائين اڻ پڙهيل
بالغن جي تعليم ڪاتر اُهي اُپاءَ نه ورتا وڃن ته انهن
جي جاهليت ڪيئن دور ڪجي مگر اُهي اُپاءَ ورتا
وڃن ته انهن ۾ ڪيئن ضروري ڪمن ڪارين جي
معلومات ڏيو ڪجي.

Gul Hayat Institute

١٤٥ گوناگون سڌارن جي رٿن ۾ پهريائين اُها وسيع ٢٩٢
تعليم اچڻ گهرجي جنهن جي وسيلي عوام کي
ضروري ڳالهين بابت خبرچار ملي.
جيستائين عوام مان بي علمي دور ڪئي وڃي تيستائين
قومي تعمير جي ڪمن سان واسطو رکندڙ تعليمي
تبليغ کي زور شور سان هلائڻ گهرجي ۽ اهو ڪم
مرڪزي جماعت هٿان هلائڻ گهرجي.

صفحو　　　　فقرو

## ھ- ڳوٺاڻي صحت

سيڪنهن تعلقي ۾ هڪ گشتي دواخانو قائم ڪرڻ گهرجن.

١٤٦ دائين کي تربيت ڏيڻ جي سهوليتن کي گهڻي ٢٩٤
ڏڌر ۽ ڊائڻ گهرجي ۽ صحت کاتي ۾ کين نوڪرين
ڏيڻ واري رٿن کي وسيع پئماني تي آڻڻ گهرجي.

١٤٦ مينهن کان پوءِ ڳوٺن ۾ جيڪو پاڻي گڏ ٿي ٢٩٧
ڪنو ٿيو پوي تنهنڪري اتان ڪيڏڻ يا منجهس دوائن
وجهڻ جو ڪم ڳوٺاڻن جي مدد سان ڪجي.
موسمي تپ جي خلاف ضروري خبرچار ڏيڻ لاءِ ريڊيو،
اخبارن ۽ سينيما جي گهڻي مدد وٺڻ کپي. موسمي
تپ کي روڪيندڙ دوائون، گهرجائو ماڻهن کي
وڪڻڻ لاءِ، هر ڪنهن پوسٽ آفيس ۾ موجود
رکڻ گهرجن.

## و- ننڍا هنر

ديسي گهرو هنرن کي همٿائڻ لاءِ ضروري اوزار ٣٠٠
۽ مال هٿ ڪري ڏيڻ گهرجي ۽ تاهيل سامان کي
وڪڻڻ لاءِ سهوليتون مهيا ڪري ڏجن.

## ز- مشهوري ڪرڻ جو انتظام

١٤٧ عوام جي تعليم لاءِ ريڊيو ۽ گشتي سينيمائن ٣٠١
کان ڪم وٺڻ تي زور ڏنو ويو آهي.

١٤٨ ڳوٺن ۾ مشهوري ڪرڻ ۽ سڌارن وارن ڪمن
۾ سيڌي واسطيدارن سرڪاري کاتن کي کپي ته گڏ ڪم

صفحو فقره

ملاح مصلحت جي رٿ تي گڏ جي ڪم ڪن جنهن
موجب هر هڪ کاتو تعليم جي پرچار، مشهوري ۽ هدايتن
ڏيڻ واري (تصويرن) ڏيکارڻ ذريعي تعليم ڏيڻ جو
گڏيل ڪم ڪري سگهن.

## پائليٽ مشهوري ڪرڻ جي رٿ

١٤٨ تجربي طور هڪ تجويز عمل ۾ آڻجي جنهن ٣٠٣
موجب ڏسجي ته ٿوري ئي وقت اندر ڪن خاص
ڳوٺن ۾، قومي تعمير وارا سڀ کاتا گڏ جي عوام جي
ڀلي خاطر زور شور سان ڪيترو ڪم ڪري سگهندا.
انهيءَ رٿ جا پورا تفصيل ڏنا ويا آهن.

## ح - اقتصادي ڳالهين بابت جاچ ڪرڻ وارو بورڊ

١٥١ سرڪار کي گهرجي ته اقتصادي ڳالهين بابت جاچ ٣٠٨
ڪرڻ لاءِ هڪ دائمي بورڊ مقرر ڪري. انهيءَ
بورڊ جا ڪم هيءَ هئڻ گهرجن ته ماڻهن جي جدا جدا
طبقن، خاص ڪري هٽ تي پيل ماڻهن جي معاشرتي
۽ اقتصادي حالتن بابت رٿون رٿي ۽ انهيءَ جا
نتيجا ظاهر ڪري. انهيءَ بورڊ جي جوڙجڪ ۽
گهربل عملي جو خاڪو ڏنو ويو آهي. هن بورڊ تي
ٿيندڙ سڀ خرچ سرڪار کي پرڻ گهرجي.

## ط - ڳوٺ سڌار لاءِ ڪمشنر

١٥٤ ڳوٺ سڌار جي ڪم لاءِ هڪ خاص ڪمشنر ٣١٤
مقرر ڪرڻ گهرجي. هن جا فرض هيٺيان ٿيندا:-
گورنمينٽ ڊيولپمينٽ بورڊ جو چيئرمن ٿيڻ

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 248

بوسي ...................... ١٥ آڪٽوبر کان اڳ موڪلي تيل سياري جو فصل.

بهر (بوسا) ............... ڪٽڪي جي ڪٽ.

چاهي ..................... کوهن مان ذار رستي پيچ.

چرخي .................... کوهن کانسواءِ باقي چرخي رستي آبادي.

جيٽز ..................... زوريءَ ورتل ڪم جنهن لاءِ مزوريءَ جا پئسا ڏنا وڃن.

چوڪيدار ............ پهريدار.

دائي ................. دائي.

ڏڙوائي .............. اهو ماڻهو جيڪو ٻتئيءَ جي وقت تيار تيل فصل توري.

دوباري .............. فصل جيڪو اونهاري جي فصل کان پوءِ لڳيتو ساڳيءَ زمين تي ٿئي.

گب ڪاٽي ............. پاڻي وهڻ وٽ واهه جي تري جي ڪاٽي (امت ڪيڙ)

حقابو ..................... جاگير وارين زمينن جي ڪنڌال تي آباد ٿيندڙ هاڃن انهن تي پاڻيءَ لاءِ ورتل محصول.

هالي چالي ............ ريت يا رسم موجب قائم ٿيل دستور.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 249



| | |
|---|---|
| هارپ گرانٽ ........... | هارين کي مالڪاڻي جا حق . |
| هاري ..................... | ماڻهو جيڪو هارپ جي پائيواري ڪري . |
| جاگير ..................... | بخشيش ٽيل زمين جيڪا روينيو ڍل جي ڀار کان آزاد هجي . |
| جمعبندي .............. | زمين جي ساليانى ڍل جي تقاضا . |
| ڪڙپي ..................... | جوئر ۽ پاڇهر جي ڪڙب . |
| ڪمدار يا ڪامگار ......... | پوک تي نظر ڪندڙ . |
| ڪانگڙ ..................... | ماڻهو جيڪو بيٺل فصل تان جهار هڪلي . |
| ڪارائو ..................... | ماڻهو جيڪو بيٺل فصل جي رکوالي ڪري . |
| ڪڙيا ..................... | واهي يا واهو پاڻيءَ جو . |
| ڪاسا ..................... | اٽڪل ١٦ سيرن جي تور . |
| ڪچا ..................... | (الف) بي بقاءِ نموني جو . (ب) درياه جي ڪپن واري اڻ سروي ٿيل زمين . |
| خيرات داري .............. | مذهبي ماڻهن کي بخشيش ڪيل زمين . |
| ڪُرا ..................... | (الف) ڪاڇي طرح گاه لاءِ مقرر ڪيل حد جا نشان ، گهٽ ڪري اڻ سروي ٽيل |

www.drpathan.com Page # 250



زمين تي ( ب ) فصل ڪلي ڪرڻ لاءِ خالي ميدان .

خرار ........................ تور جا ڪاٽ جي ٢٥ مڻن يا ٻين اناجن جي ٢٠ مڻن برابر هجي .

خريف ........................ اونهاري وارو فصل .

ڪاتيدار ........................ زمين دار ( زميندار ) .

خود ڪشت ........................ پورهئي تي سنڌون سڌو آبادي ڪرائڻ .

لک ........................ هڪ سو هزار .

لاپيدار ........................ ماڻهو جو ٿهولي زمين تان مقرر ڪيل نقد پيسا يا ڪجهه ٻيو عيوض ، قائم ٿيل رواج موجب جو روينيو رڪارڊس ۾ داخل ڪيو ويو آهي ، ولي .

لاپو ........................ رقم جا لاپيدار روني .

محال ........................ انتظامي حد جا تعلقه کان ٿوري ننڍي هجي .

من ........................ ٤٠ سير ( $82\frac{2}{7}$ پائونڊ )

موروثي ........................ پشت ۾ پشت .

ميلا ........................ ميلو .

موڪي ........................ واهم تي ٽيڏڙ آبادي .

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 251



مخادم ................ جاگير جي زمين تي گهٽ درجن جو حق رکندڙ.

مختيارڪار ................ تعلقه جي مٿان گريٽيڊ روينيو آفيسر

ملان ................ مسلمانن جو ديني مبلغ.

منشي ................ زمين تي نظر رکندڙ - گهٽوڪري اهو جنهن کي ٿورو گهٽو حساب ڪتاب اچي.

ملال ................ سارين جي ڪڙب (ملال).

پاٽاريدار ................ اهڙو ماڻهو جو چورن کي عادتًا اجهو يا پناه ڏئي يا چوري جي مال جي لڪائڻ يا ٺيڪال ڪرڻ ۾ عادتًا مدد ڏئي.

ربيع ................ سياري وارو فصل.

سيلابي ................ پوڙ يا سر جي پاڻيءَ تي ٿيندڙ فصل.

سير ................ اٽڪل ٢ پائونڊ جيتري تور.

سيري ڪلٽيويشن ...... راڄ مهاڄڻ جي آبادي.

سيٺيا ................ قرض ڏيندڙ.

شراف ................ قرض ڏيندڙ.

تعلقه ................ انتظامي ايراضي جنهن ۾ ڪجهه ڳوٺ اچي وڃن ۽ مختيارڪار جي چارج ۾ هجي.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 252



| | |
|---|---|
| تپيدار .................... | روينيو کاتي جو ڳوٺاڻو آفيسر. |
| ٽوهو .................... | ماڻهو جو لاهاري ٿيل فصل جي بٽئي ٽيٽ کان اڳ نگهباني ڪري. |
| واهي .................... | ماڻهو جو بيٺل فصل جي نگهباني ڪري. |
| زميندار .................. | ڪاٺيدار، مقاطعيدار سميت. |

---

## ضميمه ٢

### سوالنامو

(هارين جي حالت جاچڻ لاءِ سرڪار جي مقرر ٿيل ڪاميٽيءَ طرفان جاري ڪيل)

### سوال ١

توهانجي خيال ۾ ڪهڙا خاص هارين جا ذڪر ٿيل اهڙا ايذاءُ زميندارن ۽ جاگيردارن طرفان آهن جن واسطي هو ڪم ٿا ڪن؟ انهن اهڙن جو هيٺين سان لاڳاپو آهي يا؟

(الف) فصل جي حصن جي بٽئي وقت رسمي ورهاست.

(ب) بٽئي جي حصن جي ورهاست وقت، هاريءَ کان ڪن زميندارن جي وڌيڪ وصولين لاءِ تقاضا.

(ج) هاريءَ جي فصل جي بٽئي جي حصي کي ٽوڙڻ ۾ ڪن زميندارن جي دولابي چال.

(د) هاريءَ جي فصل جي حصي جون جو سڌس ضرورتن کان وڌيڪ هجي زميندارن معرفت لازمي وڪرو.

Gul Hayat Institute

 www.drpathan.com Page # 253

(ھ) ڪن زميندارن جو هارين کان ڏنل تقاوين تي وياج جو نرخ اگاڙڻ.

(و) ڪن زميندارن جي هاريءَ جي حساب ڪتاب صفا ڪرڻ ۾ ڍر.

(ز) ڪن زميندارن جو هاريءَ جي حساب ڪتاب رکڻ جو طريقو.

(ح) ڪن زميندارن جون هارين جي حساب ڪتاب رکڻ ۾ دولابي چالون.

(ط) هاريءَ کان مفت مزوريءَ جي وڏي تقاضا.

(ي) هارين کي پوکڻ جي ڪم لاءِ ڏنل ٻج لاءِ ڪي زميندار وڏيڪ پئسا وٺن ٿا.

(ڪ) پوکڻ لاءِ ڪم ايندڙ ٻج جي قيمت پورڻ لاءِ هارين جي جوابداري.

(ل) هارين جي بٽئيءَ جي حصي مان تقاوين اگاڙڻ لاءِ ڪن زميندارن جا اختيار ڪيل اره روزائيءَ وارا رستا.

Gul Hayat Institute

(م) ڪن زميندارن جون قرضي هارين کي پيداعدي بعد ۾ رکڻ.

(ن) ڪن زميندارن جي، هارين کي چوپاءِ مال جي گاهه جي پيدائش لاءِ گهربل سهوليتن ڏيڻ ۾ گهٽتائي.

(س) ڪن زميندارن جو هارين واسطي اڳيورو رهائش جو بندوبست.

www.drpathan.com Page # 254

(ع) ڪن زميندارن جو هارين کي فوجداري ڪيسن ۾ ڦاسائڻ.

(ف) قبضيداريءَ جي بي سلامتي، جا زميندارن کي پنهن جي مرضيءَ مطابق هارين کي ڪيڏڻ لاءِ هٿي ٿي ڏئي.

(ص) انهن هارين کي موروثي يا مخادمي حقن ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ جيڪي انهن حقن جي دعويداري ڪن ٿا.

(ق) ٻيا ڪي ۾ سبب جن جي اوهانکي ڄاڻ هجي.

مٿين ڳالهين ۾ جتي ۾ اوهان جو جواب "ها"، هجي ته پوءِ مهرباني ڪري سفارش ڪريو ته توهانجي خيال موجب واجبي اهنج ڪيئن دور ڪيا وڃن.

## سوال ٢

اوهانجي خيال ۾ اهي هارين جا ڪهڙا خاص اهنج آهن جن لاءِ سرڪار جون ذميداريون ۽ جوابداريون واسترا آهن؟ اهي واسطيدار اهنج هيٺين ڳالهين بنسبت آهن:-

(الف) گهرو ضرورتن جي شين جي ڪمي جهڙوڪ ڪپڙو، ڳاسليٽ، لوڻ، کنڊ، زراعتي اوزار، ٻيل ڳاڏيون، جمڙو، رسيون وغيره.

(ب) هارين ۽ سندن ٻچن لاءِ اڳپوريون تعليمي سهوليتون.

(ج) اڳپوريون صحت جون خدمتون جن ۾ ماڻهو کي ٿيندڙ مرضن کي روڪڻ ۽ ضابطي جا اپاءَ به اچي وڃن ٿا.

(د) ٿيال موڪلاڻ جي اڳپوري سهنجائي.

(ھ) مارڪيٽ (بازار) ڊاڪٽن وغيره لاءِ رواجي موچارو رستو.

(و) گهرو ڪمن لاءِ گهربل پاڻيءَ جي اڻاٺ يا ڪڏي پاڻيءَ جو ملڻ.

(ز) چوپاير مال جا مرض، انهن لاءِ روڪ ۽ ضابطي رکڻ جا اپاءُ.

(ح) فصل ۽ مرض انهيءَ جي روڪ ۽ ضابطي ۽ رکڻ جا اپاءُ.

(ط) پوک لاءِ سٺي ٻج جي ڪمي.

(ي) پيچ جي پاڻيءَ جي ڪمي ۽ انهيءَ اڳبوري واهست.

(ڪ) اوزر جي سهوليت جي ڪمي.

(ل) معدني ياڻ جي ڪمي.

(م) عام ماڻهن جي حياتي ۽ ملڪيت جي سلامتيءَ لاءِ گهٽ بندوبست

(ن) زرعي فصل جي اگهن جو ڪڏهن ڪڏهن نه هجڻ، جو فصل واجبي اگهه تي وڪجي سگهجي.

(س) رهڻ جي گهرن جي اڻاٺ.

(ع) گهرڻ تاهڻ جي شين جي ڪمي.

(ف) ڳوٺن جي بناوت ڪنهن رٿ موجب نه ٿيل ڳوٺاڻي صفائيءَ جي ڪي تاهي.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 256



( ص )   سرڪار جو اناج هٿ ڪرڻ جو نمونو.

( ق )   چوپايہ مال جي چوريءَ خلاف اڻپورو بچاءُ.

( ر )   ڳوٺاڻن معاشرتي سهڌجن جي ڪوتاهي.

( ش )   پيا ڪي سبب جن جي اوهانکي ڄاڻ هجي.

جتي بہ مٿين ڳالهين لاءِ جواب ” هائو “ هجي تہ پوءِ مهرباني ڪري سفارش ڪندا تہ توهانجي خيال بہ ڪيئن هارين جا واجبي اهنج دور ڪيا وڃن.

## سوال ۳

جيڪڏهين اوهانجي خيال بہ زمين جي قبضيداريءَ ( مثال طور جاگير ۽ مقاطعي وارين زمينن ) جي ڪن سرشتن هيٺ هارين جا اهنج ٻين سرشتن کان وڌيڪ سخت آهن تہ مهرباني ڪري ٻڌايو تہ اهي ڪهڙي نموني بہ آئين آهن ۽ مٿين ٻن سوالن جا واسطيدار فقرہ ڏسو.

## سوال ۴

جڏهن هارين جا ڪي بہ اهنج ڪن هنڌن بہ ٻين هنڌن کان وڌيڪ سخت آهن، اهڙن واسطيدار هنڌن جو بيان ڪريو؟

---

# ضميمو ۳

ون يونٽ بنگال اڊمنسٽريشن ڪوري = ڪميٽي ۱۹۶۲-۶۳ جي رپورٽ مان ٽڪرا

هنگامي پوءِ سرڪار جي ڪارگذارين ڪي صوبي جي انساني ۽ ديهوي مايہ کي مڪمل ڪرڻ ڏانهن متوجہ ڪيو ويندو.

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 303

# ضميمو ۵

## سنڌ جي مجموعي پوک جي رٿيل اسڪيم جو اٽڪل روءِ تخمينو

### (الف) خرچ

(۱) هڪ دفعو ٿيندڙ خرچ

| | | | | رپيا |
|---|---|---|---|---|
| فارم جي عملي لاءِ ڪوارٽر | ... | ... | ... | ۵،۷۵ لک |
| فارم جون جڳهيون | ... | ... | ... | ۶،۰۰ " |
| زمين جي سڌاري جو ڌاڪو سدوت | | ... | ... | ۱۵،۰۰ " |
| ٽرئڪٽر (هرن واسطي) | | ... | ... | ۲۰،۰۰ " |
| هارين جا گهر | ... | ... | ... | ۱۰،۰۰ " |
| متفرقات، ۱۰ سيڪڙي جي حساب سان | | | ... | ۵،۵۷ " |
| هڪ دفعو ٿيندڙ خرچ جو جوڙ | | ... | | ۷۱،۳۲ لک |

نوٽ - ٽرئڪٽرن جي قيمت گاٽ پيمت ٽيڙ ڪري هرن جي خرچ ۾ وڌائي وصول ڪرڻ گهرجي. هارين جي گهرن جو خرچ مسواڙن رستي اڳاڙيو ويندو. هنن ٻن اسمن تي جملي ۳۰ لک رپيا خرچ ايندو جنهن ڪري مقرر ٿيل جملي خرچ مان باقي ۳۱،۳۲ لک رپيا ڇڏيا -

(۲) وري وري ٿيندڙ خرچ:

| | | | | رپيا |
|---|---|---|---|---|
| عملو، بورڊ سميت | ... | ... | ... | ۴،۱۴ لک |
| هارين کي قرض | ... | ... | ... | ۴،۰۰ " |
| ٻج | ... | ... | ... | ۲،۴۰ " |

Gul Hayat Institute

www.drpathan.com Page # 304

## ضميمو ۵ (هلندڙ)

| | | |
|---|---|---|
| وري وري ٿيندڙ خرچ | | رپيا |
| پاڻ | ... ... ... | ۴ء۰۰ لک |
| ٽرئڪٽرن جو خرچ (هرن تي فقط) | | ۴ء۸۰ " |
| گپ ڪاڙهي | ... ... ... | ۰ء۴۰ " |
| متفرقات، ۱۰ سيڪڙي جي حساب | ... | ۱ء۹۷ " |
| وري وري ٿيندڙ جملي خرچ | ... ... | ۱۱ء۱۷ |

نوٽ — هيٺيون رقمون هارين کان اڳاڙيون وينديون يعني ته:-

| | | |
|---|---|---|
| ڦوض | ... ... ... ... | ۴ء۰۰ |
| ٻج | ... ... ... ... | ۱ء۴۰ |
| پاڻ، اڌ خرچ | ... ... .. | ۲ء۰۰ |
| ٽرئڪٽرن جو خرچ | ... ... ... | ۴ء۸۰ |
| متفرقات (اٽڪل اڌ) | .. ... | ۰ء۹۸ |
| وصولي جو ڪُل جوڙ | | ۱۳ء۱۸ |
| سنڀال جي خرچ ڪري ڏيل تفاوت | | ۴ء۵۷ |

(ب) آمدني —

| | | |
|---|---|---|
| ڪل ايراضي | ... ... ... | ۵۰۰۰۰ ايڪڙ |
| سارين جي آبادي | ... ... ... | ۸۰ سيڪڙو |
| آباد ٿيل ايراضي | ... ... ... | ۴۰۰۰۰ ايڪڙ |
| في ايڪڙ پيدائش | ... ... ... | ۲۰ مڻ |
| ڪل پيدائش | ... ... ... | ۸۰۰۰۰۰ مڻ |
| ڪارپوريشن جو اڌ حصو | ... ... | ۴۰۰۰۰۰ مڻ |
| وڪري جو اگهه | ... ... ... | ۶ رپيا في مڻ |

www.drpathan.com Page # 305

بازاري قيمت ... ... ... ٢٤٠٠٠٠٠٠ رپيه

سڏيپال جي خرچ جي ڪاٽ ... ... ٧٥٣٠٠٠ "

٨٣٥٠٣ ايڪڙ زمين جي موڙي تي ٣

سيڪڙي جي حساب خرچ جي ڪاٽ ٢٤٩٠٠٠ "

باقي ٧ڇٽ سرڪار جي آمدني ٿيندي ١٣٩٨٠٠٠ "

اما ٧ڇٽ برابر ٿيندي مرڪ آباد ٿيل

ايڪڙ بنيان. ٣٤٥٩٥ "

يا ڪل ايراضي جي مرڪ ايڪڙ بنيان ٢٧٥٩٦ "

Gul Hayat Institute

